**ڊاڪٽر الھوسايو سومرو**
سنڌي شعبو، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

# حضرت حافظ محمد صديق رح ڀرچونڊوي جي تصنيفن جو تنقيدي جائزو

# AN ANALYTICAL STUDY OF BOOKS OF HAZRAT HAFIZ MOHAMMAD SIDDIQUE BHARCHUNDVI

## Abstract

Hazrat Hafiz Mohammd Siddiuqe was not only a pious sufi saint but also a good sufi poet, writer, author, scholar and social reformer. His books were found after a period of about 100 years of his death, which include on a poetry book namely 'Risalo Salook Jo' , Malfoozat Shareef and a small book of Ahadees Shareef. All his books are full with the lessons of humanity, Tasauf, Brotherhood and to serve the needy and suffering common people. In this paper all his books are analysed.

باني خانقاھ ڀرچونڊي شريف حضرت حافظ محمد صديق رح بہ پنھنجي خانقاھ ۾ علم و ادب جو ھڪ اھم شعبو وجود ۾ آندو، جنھن ۾ ديني ۽ اسلامي تعليم لاءِ مدرسو ۽ مختلف ديني، فقھي، ڪتابن ۽ قرآن شريف و حديث شريف جي قلمي نسخن لاءِ لکڻ ۽ جلد سازي لاءِ ڪي تجربي يافتہ ماڻھو اجرت تي مقرر ڪري ڇڏيا ھئائون، جيڪي ڏينھن رات انھيءَ ڪم ۾ رُڌل ھوندا ھئا.

پاڻ نہ رڳو مختلف صوفياء ڪرام جا عارفاڻا ڪلام ۽ بيت ٻڌندا ۽ ٻڌائيندا ھئا پر ڪڏھن ڪڏھن پنھنجا بيت بہ ٿاھي جماعت کي ٻڌائيندا ھئا. ان کان علاوہ قرآني آيتن ۽ احاديث جي روشنيءَ ۾ عوام الناس کي خطاب ۽ تلقين ڪندا ھئا، پر سلف صالحين ۽ اولياء ڪرام جا نصيحت آموز واقعا، اقوال ۽ قصا ٻڌائيندا ھئا. سندس شاعريءَ جي مجموعي "رسالو سلوڪ جو" ۽ ملفوظات شريف کي "جام عرفان" (اردو ترجمو) ۽ "ملفوظات مالڪان المعروف گنجينئہ عرفان" (سنڌي ترجمو) جي نالن سان ڪتابي صورت ۾ سندس وصال کان تمام گھڻو پوءِ منظر عام تي آندا ويا، جنھن جو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو ھيٺ پيش ڪجي ٿو.

"رسالو سلوڪ جو" حضرت حافظ محمد صديق رح جي شاعريءَ جو مجموعو آھي. حضرت حافظ محمد صديق رح جي تصنيف ڪيل "رسالہ سلوڪ" کان اڳ

سندن نالي تي صرف هڪ بيت مشهور هو، جيڪو هي آهي:

لطف سڄڻ دمبدم قهر سڄڻ گاهه،

هيئن به سڄڻ واهه واهه، هوئن به سڄڻ واهه واهه.

”رسالو سلوڪ جو“ مقدمو، شرح ۽ تحقيق علامه مير حسان الحيدري سهروردي صاحب لکيو آهي. محقق حضرت حافظ محمد صديقؒ جي لاءِ ”حضرت مالڪانؒ هڪ مصنف ۽ شاعر“ جي عنوان ۾ لکي ٿو ته:

”حضرت مالڪانؒ جو علمي ۽ ادبي ذوق ايڏو ته پختو ۽ اوچو هو جو موقع مهل جي مناسبت سان گهڻو ڪري فارسي، سنڌي، هندي ۽ سرائڪيءَ جا دلڪش ۽ خوبصورت بيت پڙهندا هئا، جن ۾ بلنديءِ تخيل ۽ رفعت مضمون سان گڏ رموز و اسرار جا نڪتا به سمايل هوندا هئا.“(1)

حضرت حافظ محمد صديقؒ جيئن ته پاڻ علم و ادب دوست هئا ۽ تصوف جي موضوع سان گهڻي دلچسپي هئن، ڪڏهن پاڻ پنهنجا بيت به چئي ويندا هئا. حضرت مالڪانؒ جو ڪتبخانو تمام بلند پايي جي فارسي، عربي ۽ سنڌي قلمي ڪتابن جي نسخن جو هڪ ناياب خزانو هو، جنهن مان پاڻ پنهنجي علمي اُڃ اجهائيندا هئا ۽ عالمن ۽ دلچسپي رکڻ وارن لاءِ پرڪشش مرڪز هوندو هيو.

”رسالو سلوڪ جو“ ۽ ”ملفوظات شريف“ ۽ ٻين تصنيفن جي باري ۾ ڪنهن کي به ڪا خبر ڪانه هئي.

”غالباً 1980ع جي ڳالهه آهي، پرچونڊي شريف جي سجاده نشين حضرت پير عبدالخالق مدظلهم العالي جي ڪنن ۾ هيءَ اڏامندڙ خبر پهتي ته خليفه سيد تاج محمود امروٽيؒ وٽ حضرت حافظ الملتؒ جي ملفوظات جو هڪ مجموعو هو، جنهن کي هو هر وقت پنهنجي مطالعي ۾ رکندا هئا... همت ٻڌي ملفوظات جي ان نسخي جي جستجو ۾ لڳي ويا.“(2)

امروٽ شريف مان رابطو ڪرڻ تي ان جو ڏس خانقاهه بائجي شريف (تعلقو پنو عاقل، ضلعو سکر) جي سجاده نشين مولانا عبدالستارؒ وٽ پيو. ٻه چار دفعا وڃڻ ۽ گهر ڪرڻ کان پوءِ ملفوظات شريف جو اصل قلمي نسخو مليو. نه رڳو اِهو پر ”رسالو سلوڪ جو“ به قلمي نسخو مليو. ان باري ۾ ”رسالو سلوڪ جو“ شارح لکي ٿو ته:

”هن رسالي جو قلمي نسخو به پير عبدالخالق قادري دامت برڪاتهم العاليه کي بائجيءَ جي شهيد گادي نشين ميان عبدالستار پيو مرحوم کان حضرت مالڪانؒ جي ملفوظات شريف سان گڏ مليو.“(3)

جڏهن ”رسالو سلوڪ جو“ کي 2004ع ۾ ڇپائي، ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو ويو، تڏهن اها ڳالهه منظرعام تي آئي ته حضرت محمد صديقؒ ڪامل ولي، حافظ، عالم، فقيهه، مفسر، محدث وغيره هئڻ سان گڏوگڏ شاعر به هئا. ”رسالو سلوڪ جو“ جي اصل قلمي نسخي ۾ صرف چوڏهن صفحا ۽ به سؤ اٺهٺ بيت آهن. اهل تصوف بزرگن جا بيت به گڏيل طور ڏنل آهن. سندن مجموعي تعداد تيرهن (13) آهي.

”انهن بيتن مان ڏهه (10) بيت فارسيءَ جا، ٻه (2) بيت سنڌيءَ جا ۽ هڪ (1) بيت هنديءَ جو، ڪُل تيرهن بيت ڏاريا آيل آهن. فارسيءَ جا ڪي بيت حافظ شيرازي، مولانا جامي، مغربي، شيخ سعدي ۽ امير خسرو وغيره جا آهن، پر انهن مان فارسيءَ جو هڪ بيت خود حضرت مالڪانؒ جو معلوم ٿئي ٿو.“ (4)

جان بجانان ده وگرنه از تو بستاند اجل،
خود تو منصف باش حافظ آن نکو يا اين نکو

(ص 96 بيت نمبر 244)

[ترجمو: ساهه محبوب کي ڏي، نه ته موت وٺي ويندو،
حافظ تون خود انصاف ڪر، هو چڱو يا هي چڱو]

ٻين ڏارين بيتن جي باري ۾ محقق لکي ٿو ته:

”سنڌي بيتن مان هڪ بيت حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو ۽ هڪ سندن ڏاڏي سيد عبدالڪريم شاهه بلڙيءَ واري جو آهي. ڀڳتي تحريڪ جي سرواڻ شاعر ڀڳت ڪبير جو هڪ سرائيڪي نما هندي بيت به رسالي ۾ شامل آهي.“ (5)

”رسالي ۾ اهڙي ٻولي استعمال ڪئي ويئي آهي، جنهن کي اتر سنڌ، لاڙ، ڪاڇي، وچولي سنڌ ۽ ڪوهستان جي ڳوٺاڻن ۽ شهرين جي سنڌي لفظن، لهجن ۽ لفظي اُچارن جو هڪ حسين ۽ وٽندڙ گلدستو چئي سگهجي ٿو.“ (6)

”رسالو سلوڪ جو“ جي لکڻي يا رسم الخط اڄوڪي سنڌي رسم الخط کان مختلف آهي، جنهن لاءِ انهن مان ڪجهه نمونا هيٺ بيان ڪجن ٿا:

| ”رسالو سلوڪ جو“ جي رسم الخط | هاڻوڪي رسم الخط |
| --- | --- |
| جڏه | جڏهين |
| انگر | آڱر |
| چڱون | چڱو |
| اُنجون | اُجو |

”رسالو سلوڪ جو“ ۾ ڪجهه لفظ اهڙا به استعمال ڪيل آهن، جيڪي

اڄڪلهہ جي ڳالهائي ويندڙ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن کان مختلف آهن، انهن مان چند هيٺ نموني طور ڏجن ٿا:

| ”رسالو سلوڪ جو“ ۾ استعمال ٿيل صورت | هاڻوڪي صورت |
|---|---|
| هيڪڙي | هڪڙي |
| آگو (آگا) | آغو (آغا) |
| پانهنجي | پنهنجي |

حضرت حافظ محمد صديقؒ پنهنجي ”رسالو سلوڪ جو“ جي اندر پنهنجي سنڌي بيتن ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا جملا يا آيتن ۽ حديثن جا ننڍڙا ٽڪرا ڏاڍي مهارت سان استعمال ڪيا آهن، جڻ تہ مُنڊيءَ ۾ ٽِڪ پاتي هجيس.

نہ چڱي سرڪي شخص جو سو نہ لهي سا،
من لم يذق لم يدر اهج انهي آ(آه)

”رسالو سلوڪ جو“ جو موضوع تصوف تي مبني آهي ۽ حضرت حافظ محمد صديقؒ پنهنجي هن رسالي ذريعي سالڪن کي پنهنجي سلسلہ عاليہ قادريہ نقشبنديہ جي تمام ذڪرن، شغلن، لطيفن، مراقبن جي ادا ڪرڻ ۽ پڙهڻ جا طريقا کولي ٻڌايا آهن ۽ هن سان گڏ روحاني، عرفاني ۽ صوفيانہ اصطلاحن کي پنهنجي رسالي ۾ آڻي انهن کي هميشہ جي زندگي عطا ڪري ڇڏي آهي.

رسالي جي شروع ۽ آخر واري بيت ۾ پنهنجي قادري سلسلي جي باني حضرت شيخ عبدالقادر جيلانيؒ جي نسبت ياد ۽ قائم رکڻ لاءِ سندن نالو استعمال ڪيو اٿن. ”رسالو سلوڪ جو“ جو پهريون بيت هي آهي:

گهڻو مشهور ملڪ ۾ جو آهي، طريقو مرشدن،
سو آهي طريقو قادري، سين ۾ شغلن.

”رسالو سلوڪ جو“ جو آخري بيت هي آهي:

مڙئي شغل ۽ فڪر ان تي تين تماما،
پورو ٿيو هي نسخو ساڻ قادر جي ڪرما.

سالڪ جي زبان تي لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ اچي، تڏهن سالڪ جي دل جي تختي تان الله جي ذات کان سواءِ باقي هر شئي ميسار جي ۽ لهي وڃي، ايتري قدر جو ذاڪر جو پنهنجو وجود بہ باقي نہ رهي.

تہ جڏهن سالڪ لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ چوي،
تڏهين ماسويٰ الله دل تون سالڪ جي سڀ لهي.

(بيت نمبر 46)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ ساڳئي ڳالهہ کي هن طرح چون ٿا:

چئو تون الله هيڪڙو، وائي ٻي وسار،
تن ۾ تند تنوار سدا سپرين جي.

حق جي ڳولا ڪندڙ ۽ تلاش ۾ نڪتل طالب منزل عشق جي واريا سن ڏڙن ۽ ٽبن جو پانڌي، ذات حق جي سڪ جو اُڃايل سالڪ، دنيا جي هن جهنگ اندر ڪثرت جي آئيني ۾ وحدت جو مشاهدو ۽ نظارو ائين ڪري سگهي ٿو، جيئن ريگستان جي اُڃايل راهيءَ کي اوچتو مٺي پاڻيءَ جو چشمو نظر اچي سگهي ٿو. اهڙا موقعا عاشقن، سالڪن ۽ ڪاهوڙين کي پلئہ پون ٿا.

يعني اُڃيل وادي طلب جو، منجهہ جهنگل دنيا جي،
ڪري مشاهدو وحدت جو، منجهہ آهري ڪثرت جي.

(بيت نمبر 52)

مولانا جاميؒ جو هڪڙي هنڌ فارسي بيت ساڳئي موضوع هيٺ بيان ڪن ٿا تہ:

در و ديوار من آئينہ شد از ڪثرت شوق،
هر ڪجا مي نگرم روئي، ترامي بينم.

(بيت نمبر 54)

[ترجمو: منهنجي گهر جا دروازا ۽ ديوارون (ڪنڌيون) تنهنجي ديدار جي شوق ۽ انتظار جي گهڻائيءَ جي ڪري آئيني وانگر چمڪن ۽ جرڪن ٿيون، مان جيڏانهن بہ ڏسان ٿو تہ مون کي رڳو تنهنجو منهن مبارڪ نظر اچي ٿو.]

## ملفوظات شريف

1980ع جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن موجوده سجاده نشين خانقاهہ پرچونڊي شريف حضرت پير عبدالخالق قادري کي خبر لڳي تہ حضرت حافظ محمد صديقؒ جي ملفوظات جو هڪ مجموعو سندس خليفي حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽيؒ وٽ هو، جنهن کي هو پنهنجي مطالعي ۾ رکندا هئا. اهو نسخو امروٽ شريف جي فيض يافتہ خانقاهہ بائيجي شريف (تعلقو پنو عاقل سنڌ) منتقل ٿي ويو. بائيجي شريف جي سجاده نشين مولانا عبدالستار صاحب سان رابطو ڪري، ملفوظات شريف جو اصل نسخو حاصل ڪيائون. ملفوظات شريف سان گڏ ”رسالو سلوڪ جو“ جو قلمي نسخو بہ هٿ آيو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

ملفوظات شريف جو اصل نسخو فارسيءَ ۾ لکيل آهي ۽ سمورو ڪتاب 145 صفحن تي مشتمل آهي. ڪتاب جي آخر ۾ اٽڪل 240 سنڌي، سرائيڪي، فارسي ۽ ڪلاسيڪي صوفي شاعرن جا بيت بہ ڏنل آهن. هي اهي بيت آهن جيڪي حضرت حافظ محمد صديقؒ پنهنجي علمي، ادبي مجلسن ۾ پنهنجي درويشن ۽ فقيرن سان روح رهاڻ ڪندي موقع مهل ۽ موضوع جي مناسبت سان ٻڌائيندا هئا.

اهي بيت، ملفوظات شريف جو جامع ۽ ڪاتب تبرڪ طور ملفوظات جي آخر ۾ لکي هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيا.

ملفوظات شريف کي جمع ڪندڙ ۽ ڪاتب مولوي عبيدالله ولد مولوي محمد شريف نالي شخص هو، جيڪو حضرت حافظ محمد صديق ؒ جي معتقد، مريد ۽ خليفي جو پٽ هو.

”مولوي عبيدالله فقير ضلعي جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻي جي پرپاسي جي ڳوٺ جو هو.“ (7)

جڏهن ته پير سيد محمد فاروق القادري هن باري ۾ جامع ۽ ڪاتب جي جڳهه جي باري ۾ اختلاف رکي ٿو. هو تحرير ٿو ڪري ته:

”هي نسخو بلوچستان جي هڪ معروف عالم دين مولانا عبيدالله مرتب ڪيو آهي.“ (8)

پير سيد محمد فاروق القادري لکن ٿا ته:

> ”ملفوظات جي هڪ ٻي خوبي هيءَ آهي ته هن جو ڪجهه حصو حضرت حافظ الملت جي نامور خليفي سيد تاج محمود امروٽي پنهنجي قلم سان لکيو آهي... مولانا عبيدالله جي جمع ڪيل ملفوظات تي به ڪٿي ڪٿي حضرت امروٽيؒ جي مطالعي جا نشان، سندن دستخط ۽ ڪٿي ڪٿي مختصر حاشيه موجود آهن.“ (9)

ملفوظات شريف جي ڪتابت جو سال واضح طرح معلوم نه ٿي سگهيو آهي

ملفوظات شريف جي مطالعي مان هي معلوم ٿو ٿئي ته پاڻ مطالعو ايڏو وسيع رکندا هئا جو تفسير، حديث، فقه، منطق ۽ معاني کان وٺي سلوڪ و تصوف ۽ شعر ادب تائين هر ميدان جا شهسوار هئا. ملفوظات شريف ۾ قرآني آيات، احاديث مبارڪ، فقه ۽ تصوف جا رموز و اسرار ملن ٿا.

جيئن ته اڳ ۾ اچي چڪو آهي ته پاڻ عارفاڻه ۽ صوفياڻه ڪلام ٻڌندا ۽ ٻڌائيندا هئا. ملفوظات شريف ۾ هڪ هنڌ هي واقعو اچي ٿو ته:

> ”ڪنهن طالب حضور جي بارگاهه ۾ محبت ۽ عقيدت مان اچي ٻير پيش ڪيا. پاڻ کائڻ شروع ڪيا پر اتفاقاً ٻير اڃا ڪچا هئا. طالب شرمسار ٿيڻ لڳو ته پاڻ ڪريم محسوس ڪندي هي بيت چيو:
>
> ڪچا پي قبول، آيل آديسين جا،
> آيا منجهه حضور، لٿا حق حساب جا.“
>
> (10)

ملفوظات شريف جي نسخي جي آخر ۾ اٽڪل 240 ڪلاسيڪي، صوفياڻه ۽ عارفاڻه بيت فارسي، سرائيڪي، سنڌي ۽ هندي جا ڏنل آهن، جيڪي مختلف صوفي شاعرن جا آهن.

حضرت حافظ محمد صديقؒ جڏهن عام رواجي معمولن کان پوءِ فارغ ٿيندا هئا ته مسجد شريف يا پنهنجي حجري مبارڪ يا پنهنجي هٿ راڏل باغ ۾ جماعت جي خاص فقيرن کان عارفاڻو ۽ صوفياڻو ڪلام، مولود شريف، ڪافيون بنان سازن جي فقيرن جي سوز ۽ درد ڀري آواز و انداز ۽ سمع واري آهنگ ۾ ٻڌندا هئا. اهڙي طرح جمعة المبارڪ، عيدن، ميلادالنبيﷺ، فضيلت وارين راتين جهڙوڪ شب قدر، شب معراج، شب برات ۽ خاص طور تي تبرڪات حرم پاڪ ۽ حضور ڪريمﷺ جي جُبي مبارڪ (پهراڻ) جي موقعي تي اهڙا ڪلام ٻڌندي گريه فرما ٿيندا هئا. هن کان علاوه پنهنجي علمي، ادبي محفلن ۾ صوفي ۽ سالڪ شاعرن جو عربي، فارسي، سنڌي ۽ هندي ڪلام موقعي مهل جي مناسبت سان ٻڌندا هئا، بلڪ پاڻ به فارسي، سنڌي ۽ هندي نما سرائيڪي زبان ۾ شعر چوندا هئا. انهن مان هر بيت، شعر، ڏوهيڙي ۽ ڪافيءَ ۾ درد ۽ سوز جو جهان پناهه آهي.

شعري انتخاب جا اڪثر بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جا آهن، جنهن مان هي معلوم ٿئي ٿو ته حضرت حافظ محمد صديقؒ جي مطالعي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي رسالي جو ڪو خاص قلمي نسخو رهندو هو يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته پاڻ ڪنهن قلمي نسخي تان پاڻ لاءِ نقل ڪرايو هجن، ڇاڪاڻ ته سندن خدمت ۾ ڪاتب موجود هوندا هئا، جيڪي مختلف موضوع جهڙوڪ: تفسير، حديث، فقه جي ڪتابن جي ڪتابت ڪندا رهندا هئا. هن ڳالهه مان سندن ادبي ۽ علمي ذوق جي خبر پوي ٿي.

> ”هن شعري انتخاب ۾ جتي دادو ديال جهڙي ڀڳتي فقير جا اٽلي سرائيڪي لهجي واري هنديءَ جا بيت ملن ٿا، اُتي سنڌ جي وسريل شاعرن ميوو، محمد علي ۽ ڦلو ڇيٽ جي ڪلام جو انتخاب به ڏنو ويو آهي.“ (11)

جامع ملفوظات لکي ٿو ته پاڻ مالڪانؒ علم جي غرور ۽ گهمنڊ ۾ گرفتار مُلن لاءِ اڪثر هي مقولو ٻڌائيندا هئا:

پڙهين ڪان پڄ پري، متان ڪائي وڃن تڙي ڪڙي.

پوءِ مٿون فرمائيندا هئا ته:

علم پڙهيوسون عربي نالو جنهن جو نيڪ،
پڙهندي پڙهندي عمر گذري ڪونه آيو تنهن ڪئون سيڪ،
جڏهن حرف پڙهيوسين هيڪ ته ورق سڀ وساريا.

سرائيڪي جي هڪ ڪافيءَ جو ٽلهه به اڪثر پڙهندا هئا:

ناهي حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي،
سک رموز وجود وسارڻ (وجاوڻ) دي.

پنهنجي هڪ مقولي ۾ فرمائين ٿا ته:

فقير تنهن کي چئوجي جنهن جي سڀ ري سري،
گهر در وجي ڪينڪي گهرون ڪين گهري.

هڪ ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

مذهب و ملت عشق الاهي،
تقويٰ، طاعت و زهد، خرابي.

سرائيڪيءَ جو هي بيت به مالڪانؒ ڏانهن منسوب ڪندي جامع ملفوظات لکي ٿو:

ڪوڙ ماتا ڪوڙ پتا ڪوڙ ڪل سنسار،
ڪوڙ سونا ڪوڙ رپا ڪوڙ پهرڻ هار،
ڪوڙ ڪوڙيان نينهن لائي وسرڳين ڪلتار،
جنهان نال لاوان دوستي؟ سڀ جڳ چلڻ هار.

هيءَ ڪافي به حضرت حافظ محمد صديقؒ جي يادگار آهي، جنهن جو ٽلهه حضرت سچل سرمستؒ جي هڪ مشهور سنڌي ڪافيءَ مان ورتل آهي، پر مالڪانؒ جي ڪافيءَ جو "انترو" بدليل آهي:

ٽوٽي پئي لڳي سارو جڳ، تان پي چا ٿيو،
حج پڙهي ٽوٽي طاعت، ڪري سارو شب تان پي چا ٿيو،
جيتر نه پوي من ۾ محبت رب، ٻيو ٽوٽي سڀ، تان پي چا ٿيو.

حضرت حافظ محمد صديقؒ اهڙن پيرن جي باري ۾ جيڪي پيريءَ جي فن ۾ ظاهري طور تي وڏا فنڪار نظر اچن ٿا، پر علم معنوي جي فنون کان بلڪل خالي ۽ ڪورا هوندا آهن، تنهن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن هي بيت ارشاد فرمائيندا هئا:

پيري پري ڪيا شيخي وڏن شڪ،
جاڏي آهي حق، تاڏي منهن نه موڳن جو.

مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي سچل سائينءَ جو هي بيت تلقين ڪندي فرمايائون:

چوڙ گمان گدائي والا،
شمله چا ٻڌ شاهي دا.

"جامِ عرفان" (ملفوظات شريف جو اردو ترجمو)

حضرت حافظ محمد صديقؒ جي فارسيءَ ۾ لکيل ملفوظات شريف جو اُردو ۾ ترجمو پير سيد محمد فاروق القادري ساڪن خانقاھ شاھ آباد شريف، ڳڙهي اختيار خان، ضلع رحيم يار خان ڪيو آهي.

ملفوظات شريف جو هي اردو ترجمو نالي ”جامِ عرفان“ جو سڀ کان پهريون ڇاپو سن 1990ع ۾، ٻيو ڇاپو سن 1994ع ۾ ۽ ٽيون ڇاپو سن 2005ع ۾ ڇپيو. ملفوظات شريف جو ڪل تعداد 181 آهي. هر ملفوظات شريف ڪي مختلف ۽ مختصر عنوان ڏيئي لکيو ويو آهي.

ڪتاب ۾ ڪٿي ڪٿي مواد اندر فارسي ۽ سنڌي بيت بہ ڏنل آهن. انهن بيتن ۾ زياده بيت علامہ اقبال جا آهن. فارسي بيتن جو ڪٿي بہ اردوءَ ۾ ترجمو نہ ڪيل آهي. ڪتاب جي ٻولي فارسي بيتن کان علاوه عام فهم آهي. نموني طور هيٺيون چند سِٽون نقل ڪجن ٿيون:

”ایک دفعہ یہ فقیر جامع اوراق خدمات بابرکات میں حاضر تھا۔ آپؒ نے فرمایا کہ شریعت، طریقت اور حقیقت میں فرق یہ ہے کہ شریعت آنحضور ﷺ کے عمل کا نام ہے، طریقت آپ ﷺ کے مرفودات کو کہتے ہیں اور حقیقت وہ ہے جسے آنحضرت ﷺ نے اپنے چشم مبارک سے ملاحظہ فرمایا۔ معرفت اور حقیقت مترادف المعنیٰ ہیں۔“

حضرت حافظ محمد صديقؒ جي ملفوظات شريف تي نگاھ وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ ان ۾ سلوڪ جي راھ جي پانڌيئڙن لاءِ ڪيترائي معرفت جا موتي سمايل آهن.

هڪ هنڌ ڪامل عارف جي اصل حقيقت جي باري ۾ حضرت حافظ محمد صديقؒ جو نقل ڪندي هن طرح لکن ٿا تہ:

”عارف کامل اپنے زمانے کے لوگوں کے طور طریقے اپناتا اور اپنے اوپر بشری لباس ڈال کر میدان میں آجاتا ہے۔ چنانچہ ہر شخص سے محبت والفت کے ساتھ پیش آتا ہے اور اس طرح ان کی تکریم و تعظیم بجالاتا ہے کہ وہ سب بے دھڑک اسے اپنے میں سے ایک فرد سمجھتے ہوئے اس کی محبت اور صحبت کی لذت کے اسیر ہوتے جاتے ہیں. الغرض عارف کامل اس طرح سب کو اپنا شکار بنا کر اپنے اصلی وطن ”ملک وحدت“ میں لے جاتا ہے۔ پس جس وقت اس عارف کامل کی صحبت کیمیا اثر کا زمانا ختم ہو جاتا ہے تو ان کی حلقہ بگوش خواب غفلت سے بیدار ہوتی ہے اور انہیں اب جا کر یہ احساس ہوتا ہے کہ یہ عارف کامل عام بشر نہیں بلکہ اللہ تعالیٰ کا فرستادہ تھا جو دنیا میں ہماری تعلیم و تربیت کے لیے آیا تھا.“ اس کے بعد آپؒ نے یہ سندھی شعر پڑھا:

پڪي سي پسجن جنهين ساهه نه ماهه،
هيئيون ڪر ڳل ڪاٺ جا متون پکن پاهه،
ويچارن ويساهه متي پکن آئيو."
(12)

حضرت حافظ محمد صديقؒ جي صحبت ۾ نه رڳو سندن عقيدتمند ايندا هئا، پر ٻين بزرگن جا مريد يا جماعتي، صوفي يا بزرگ يا هندو به صحبت ۾ ويهي سلوڪ جا سبق سکندا هئا. سندس صحبت ۾ ويٺل ۽ تشريف وٺي آيل هڪ غير مسلم يعني هندو کي مخاطب ٿيڻ ۽ سلوڪ جو سبق ٻڌائڻ جي باري ۾ ملفوظات شريف جو اردوءَ ۾ هن طرح ترجمو ٿيل آهي:

''آپؒ نے فرمایا کہ مکھی! آخر گنگا میں غوطہ لگانے سے کیا ہو جاتا ہے جبکہ گنگا کا پانی بھی دریائے سندھ کے پانی کی طرح ہے۔ ان میں کوئی فرق نہیں ہے۔ مکھی! اصل بات یہ ہے کہ انسان کو اپنے قلب کے گنگا میں غوطہ لگانا چاہیے تاکہ اس ذریعے سے وہ نفسانی خیالات اور شیطانی خطرات سے چھٹکارا حاصل کر کے تمام آرائشوں سے پاک و صاف ہو جائے اور بالآخر اپنی موہومہ ہستی سے نکال کر مقصود اصلی اور محبوب حقیقی کے وصال سے شاد کام ہو۔''(13)

ملفوظات مالڪان المعروف گنجينهٔ عرفان (سنڌي ترجمو)

حضرت حافظ محمد صديقؒ جي فارسيءَ ۾ لکيل ملفوظات شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڊاڪٽر عبدالوحيد انيڙ ڪيو آهي.. سڀ کان پهريون دفعو ترجمو ۽ ڇاپو جون سال 2008ع جو آهي. مهاڳ مير حسان الحيدري سهروردي لکيو آهي. ڪتاب کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ تعارف ۽ مختصر سوانح عمري آهي، ٻئي ڀاڱي ۾ ملفوظات شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل آهي، جنهن کي معرفت نمبرن وسيلي ترتيب سان لکيو ويو. معرفتن جو ڪُل تعداد 202 آهي.

ٽيون ڀاڱو "بيت" جو آهي. هي اُهو ڀاڱو آهي، جنهن جو اردو واري ترجمي ۾ ذڪر آيل نه آهي. هي اُهي بيت آهن، جيڪي مختلف موقعن ۽ مهل تي حضرت حافظ محمد صديقؒ پنهنجي صحبت دوران پنهنجي واتان چيا هئا. هي بيت مختلف صوفي ۽ عارفانه شاعرن جا آهن، جيڪي عرفان و معرفت، سلوڪ جا سبق جهڙن موضوعن تي آهن. هنن بيتن مان حضرت حافظ محمد صديقؒ جي ادب تي گهري نظر ۽ ذوق لطيف جو علم حاصل ٿئي ٿو. بيت ۽ شاعرن جو وچور هن ريت آهي:

1. قاضي قادن ٻه (2) بيت
2. دادو ديال (ڀڳتي تحريڪ جو سرواڻ شاعر) چار (4) بيت
3. خير محمد فقير هڪ عدد سرائيڪي ڏوهيڙو

4. فقير غلام حيدر هڪ سنڌي بيت
5. محمد علي نالي جو ڪو قديم شاعر هڪ سنڌي بيت
6. ميرو تخلص جو ڪو قديم شاعر يا سگهڙ (هڪ سنڌي بيت)
7. هڪ هندي بيت بنا ڪنهن نالي جي آهي، شايد ڪبير يا دادو ديال جو هجي.
8. ڦلو چيٽ نالي هڪ قديم سگهڙ يا شاعر بہ (2) بيت
9. باقي بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جا آهن. (14)

هي سمورا بيت تعداد ۾ اٽڪل 240 آهن، جيڪي ملفوظات شريف جي اصل نسخي فارسيءَ جي آخر ۾ ڏنل آهن. هي بيت ڪلاسيڪل آهن ۽ فارسي، هندي، سنڌي ۽ سرائيڪي شاعرن جا آهن.

## چاليهہ حديثون

حضرت حافظ محمد صديقؒ جي هٿ جولکيل ٽيهہ صفحن تي حديثن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ڇاهٺ (66) حديثون ڏنل آهن ۽ فارسيءَ ۾ ترجمو بہ حضرت حافظ محمد صديقؒ جو ڪيل آهي. عام طرح سان هن کي "چهل حديث" طور ڄاڻايو ويو آهي ۽ مشهور آهي. حديث شريف جي هن مجموعي کي 'چهل حديث' کان علاوه مير حسان الحيدري چانڊيو صاحب "حافظ الملت" جي نسبت سان رسالو سلوڪ ۾ "ڪنز الامت" جو نالو ڏنو آهي.

اپريل 2013ع ۾ هن کي ڪتابي صورت ڏيئي ڇپايو ويو. اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ترجمو حافظ الله بخش قادريءَ ڪيو آهي.

حديثن جي هن مجموعي ۾ پهرين حديث شريف چاليهہ حديثون ياد ڪرڻ جي فضيلت بابت آهي ۽ باقي پنجهٺ (65) حديثون ڏنل آهن، انهن جو عنوان يا موضوع ديني، مذهبي، اخلاقي، روحاني، اقتصادي، معاشي، تعليمي ۽ تمدني امور تي مشتمل آهي. هن مجموعہ حديث شريف ۾ احاديث شريف جو تعداد ۽ موضوع هن طرح آهي:

> "علم ۽ علما جي فضيلت ۾ نَوَ (9) حديثون، مسجد جي آداب ۽ حقوق جي باري ۾ پنج (5) حديثون، قرآن مجيد پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ سندس فضيلت جي باري ۾ چار (4) حديثون، اهل ايمان سان حسن سلوڪ ۽ سندن حقوق جي باري ۾ پنج (5) حديثون، آذان جي فضيلت ۽ آذان ۾ آڱوٺا چُمڻ بابت بہ (2) حديثون، دنيا ۽ دنيا سان محبت رکڻ وارن جي مذمت ۾ ڇهہ (6) حديثون، نماز جي فرضيت، آداب ۽ ترڪ نماز جي عذاب بابت نَوَ (9) حديثون." (15)

ان کان علاوه استاد جي فضيلت، سخي جي فضيلت، بخيل جي مذمت ۽

مهمان سان گڏجي کائڻ جي فضيلت، پاڻي پيئڻ جي آداب، تڪبر جي مذمت، ڪلمه طيب جي فضيلت، زڪوات نه ڏيڻ بابت وعيد جي باري ۾ هڪ هڪ حديث روايت ڪئي ويئي آهي. هن مجموعه حديث شريف ۾ ڪي وڏيون يعني طويل حديثون آهن.

حضرت حافظ محمد صديقؒ احاديث جي انتخاب ۾ پنهنجي زماني جي حالات مطابق ديني، سماجي، معاشي، اقتصادي، علمي، تعليمي ۽ روحاني مسائل سامهون رکيا آهن. هن مجموعه احاديث شريف مان سندن علمي، اخلاقي، روحاني ۽ ادبي ذوق جي خبر پوي ٿي.

**حوالا:**


1. سهروردي، حسان الحيدري، مير 2004ع، "رسالو سلوڪ جو" ڪلام حضرت حافظ محمد صديق ڀرچونڊي، خانقاه ڀرچونڊي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ص 88.
2. قادري، محمد فاروق، سيد [1994ع] 2005ع، "جامِ عرفان"، خانقاه ڀرچونڊي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ص 116.
3. سهروردي، حسان الحيدري، مير 2004ع، "رسالو سلوڪ جو" ڪلام حضرت حافظ محمد صديق ڀرچونڊي، خانقاه ڀرچونڊي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ص 95.
4. ساڳيو حوالو، ص 95.
5. ساڳيو حوالو، ص 96.
6. ساڳيو حوالو، ص 98.
7. انيڙ عبدالوحيد، ڊاڪٽر 2008ع، "ملفوظات مالڪ المعروف گنجينئه عرفان جو سنڌي ترجمو"، خانقاه ڀرچونڊي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ص 13.
8. قادري، محمد فاروق، سيد [1994ع] 2005ع، "جامِ عرفان"، خانقاه ڀرچونڊي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ص 117.
9. ساڳيو حوالو، ص 117.
10. سهروردي، حسان الحيدري، مير 2004ع، "رسالو سلوڪ جو" ڪلام حضرت حافظ محمد صديق ڀرچونڊي، خانقاه ڀرچونڊي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ص 132.
11. انيڙ عبدالوحيد، ڊاڪٽر 2008ع، "ملفوظات مالڪ المعروف گنجينئه عرفان جو سنڌي ترجمو"، خانقاه ڀرچونڊي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ص 18.
12. قادري محمد فاروق، سيد [1994ع] 2005ع، "جامِ عرفان"، خانقاه ڀرچونڊي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ص 30-129.
13. ساڳيو حوالو، ص 33-132.
14. انيڙ عبدالوحيد، ڊاڪٽر 2008ع، "ملفوظات مالڪ المعروف گنجينئه عرفان جو سنڌي ترجمو"، خانقاه ڀرچونڊي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ص 17-18.
15. سهروردي، حسان الحيدري، مير 2004ع، "رسالو سلوڪ جو" ڪلام حضرت حافظ محمد صديق ڀرچونڊي، خانقاه ڀرچونڊي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي، ص 93.